# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2011
# SINDH ACT NO.V OF 2011
# سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ACT, 2011

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.III of 1980

3. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 1980

4. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance No.III of 1980

5. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 27 جي ترميم
Amendment of Section 27 of Sindh Ordinance No.III of 1980



# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2011
# SINDH ACT NO.V OF 2011
# سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ACT, 2011


[24 فيبروري 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾

| | |
|---|---|
| | ترميم ڪئي ويندي. |
| تمهيد (Preamble) | جيئن ته سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛<br>ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو: |
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.<br>(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم<br>Amendment of Sindh Ordinance No.III of 1980 | 2.سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڇاڙايل آرڊيننس سڏيو ويندو، سموري آرڊيننس ۾، لفظ "سند" لاءِ لفظ "سنڌ" متبادل هوندو. |
| 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 1980 | 3.ڇاڙايل آرڊيننس جي دفعه 2 ۾:<br>(i)شق (c) کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:<br>"(c-i)"مهاڻو" مطلب اهو ماڻهو جنهن جو سمورو گذر سفر سمورن پبلڪ واٽر باڊيز مان مڇي مارڻ تي هجي ۽ جنهن جو بنيادي ڪمائي جو ذريعي اهڙي مڇي وڪڻڻ مان حاصل ڪيل ڪمائي تي هجي؛"؛<br>(ii)شق (g) ۾، لفظ "ڪئنال" کانپوءِ لفظ "۽ ٻيا سمورا مڇي مارڻ جا واٽر باڊيز" شامل ڪيا ويندا؛"؛<br>(iii)شق (i) کي ختم ڪيو ويندو. |
| 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 3 جي ترميم<br>Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance | 4.ڇاڙايل آرڊيننس ۾، دفعه 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>"3.مڇي مارڻ ۽ مڇي جي واپار لاءِ لائسنسز جاري ڪرڻ جو اختيار. (1)حڪومت عام يا خاص حڪم ذريعي ڪن عوامي پاڻين ۾ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت ۽ اهڙي فيس جي ادائگي تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، مڇي مارڻ لاءِ لائسنس جاري ڪري سگهي ٿي.<br>(2)هن دفعه جي شروعات کان اڳ منظور ڪيل سموريون ليزز رد ٿي ويندون. |

| | |
|---|---|
| 5.چاڻايل آرڊيننس جي دفعه 27 جي ذيلي دفعه (2) جي شق (o) کي ختم ڪيو ويندو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | No.III of 1980<br>1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 27 جي ترميم<br>Amendment of Section 27 of Sindh Ordinance No.III of 1980 |